# ڪلهي پاتم ڪينرو

## ـــــــ شيخ اياز

ڪمپوزنگ:
عبداللطيف انصاري، سکر
alsindhi2005@yahoo.com

Voice of Sindh E-Book Publisher
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

# مهاڳ

—— جي سماج کان فرار ممڪن آهي، تہ اهو انهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن مان ارٽ جي پرورش ٿئي ٿي. گوگيءَ ۾ ماياڪو وسيڪيءَ * جو فرار آپ . گهات جا بہ مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اهو آهي، جو مون چونڊيو آهي، پنهنجي ويساهہ جي چنڊ چاڻ ڪري، بنيادي ڳالهيون ڳولهي لهان، هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهہ ڪي ٿڏي ڇڏيان ۽ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل ٿي بيهان ۽ ان لاءِ مونکي جيڪي بہ سهڻو پوي ، اهو سهان.

——

هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي.

——

تاريخ گواهہ آهي تہ ڪڏهن بہ جبر و ستم ۽ رسم و رواج جي ماني پاڻيءَ زندگي پيدا نہ ڪئي آهي. هر دور ۾ اهڙي انسان جي ضرورت آهي، جو ان ۾ پٽر اچلائي، ولوڙا پيدا ڪري. زندگيءَ جو مدار هميشہ انهيءَ تحرُڪ تي آهي، جو هڪ انوکو اڙٻنگ انسان پيدا ڪري ٿو. انهيءَ زندگيءَ جي واسطي هر قوم کي ڪي جوکا کٽڻا آهين ۽ ان کي ڪفر ۽ بغاوت کي ڪجهہ جاءِ ڏيڻي آهي. جي ان کي زندهہ رهڻو آهي، تہ ان کي اهو جوکو ضرور کٽڻو آهي.

—— هر برٽ ريڊ
(”شاعري انارڪزم“)

- پال گوگي : مغربي مصور، جنهن کي مغربي سرمائيدارانہ تهذيب سان بي انتها نفرت، يونوچ سمنڊ تي هڪ فرينچ

- ڪالونيءَ تهتيءِ ۾ وني وئي ، جتي هن تهذيب کان پري باقي زندگي گذاري ۽ زندهہ جاويد نقش تخليق ڪيا.

ماياڪوسڪي ـ روس جي انقلاب جو عظيم شاعر جنهن انقلاب ڪان پوءِ، سياسي ۽ سماجي فضا ناسازگاريءَ سبب خودڪشي ڪئي.

” اڄ وچ ختم ٿي.........
مان اڪيلو بيٺو آهيان......
هي جيون کهڙو نہ ڪنن ۾ منهنجو پٽرائون رستو ڪيترو نہ لمبو آهي! “
( روسي شاعر، پاسترنڪ )

” مان انهيءَ ساراهہ جو مستحق نہ آهيان،
سچ پچ، منهنجا دوست، منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو.
جڏهن تون منهنجيءَ سچائيءَ جي ساراهہ ڪرين ٿو.
مان انسان وانگر رهان ٿو نہ چيتي وانگر،
منهنجي ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي.
اعتبار ڪر تہ مان خوف زده آهيان! مان خوف زده آهيان!
ها ، پر ـــ
مون کي موت ڪان بہ وڌيڪ خود فريبيءَ ذلت جي زندگيءَ ڪا خوف ٿئي ٿو.“

( هنگريءَ جو شاعر، زولٽن زيلڪ )

تون نڪر جي ٿانوَ ۾ پاٽي پي رهيو آهين، مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ مئہ آڇيان ٿو. تون منهنجيءَ مئہ ڪان ڇرڪين ٿو،

چو تہ تون انهيءَ بينل تلاءَ جي پاٽيءَ تي هري ويو آهين. توکي اهو ٻاڙو پاٽي گهر ويني ملي ٿو، تنهنڪري تون اها تڪليف بہ نہ ٿو وٺين تہ تون اهو شفاف جهرٽو ڳولي لهين، جنهن جي پرتان تنهنجا وڏا ڪجهہ صديون اڳ لڏي آيا هئا، مون انهيءَ ساڳي جهرٽي جي پاٽيءَ تي انگور جون وليون پوکيون، انهن جي ميوي جي سر مان هيءَ مئہ جوڙي آهي. تون انهيءَ مان چڪي چڪي ڏس. شايد اها تو کي امر ڪري ڇڏي.....

شيخ اياز

# بيت

ڪنهن جي لاءِ ڪماچ ، صديون رهيو سانت ۾،
سارو ڏيهه ڏياچ، مگٽو ڳوليو ماٽهو.

آڏيءَ رات اداس، ان تي آرتيون آڱريون،
ماٽهوءَ ماٽهوءَ ماس، ڪوري آيو ڪينرو.

ساڳي ساڄهه آڱريون، ساڳي ساڄهه سازُ،
مان، منهنجو آواز ڪنهنجون تو ڪارون ڪاري.

نڪتا تنهنجي تند مان، ٻهه ٻهه ڪري ٻاڻ،
جر آ تنهنجي جاڻ جي، سازن منجهه سڄاڻ،
آٽي تو اهڃاڻ، ڪهڙا ڪهڙا ڪينرو.

چانئٺ چائنٺ چنگ، چوريم چوڏهينءَ رات جو،
لونيون ڪيئي لوڪ جون، نڪتيون اوڙهي ننگ،
چي،”هي تيندو ڪير آ اڻ ڪونيو اڙٻنگ“،
ڏاهپ ڏاهپ ڏنگ، پهتو جنهنجي ذات مان.

ڳائيندي وچ ڏڳ، جهمريون هنيون جندڙيءَ،
هڪڙي هٿ ۾ ڪينرو ، ٻي هٿ تنهنجي چڳ،
ماٽهوءَ جا مارڳ، ڪنهن ڪنهن ۾ ڪيئن تو لچين.

تو جا سمجهي ست ، سا آهي ڪاتيءَ ڪوٺ،
ڳائي ڳائي ڳوٺ ، ڪهندو ويو ڪينرو.

تو جا سمجهي ست، سا آهي وائيءَ وڏُ،
گهارا وجهي گهاوَ سان، ڏاري ڏاڍي ڏڍُ،
هيٺا هانو نہ ڪڏُ ، ان مان پنهنجو اسرو.

تو جا سمجهي ست، سا آڳ اٿئي انمول،
جنهن جي سوچ سماج کي،ڪري رکَ رتول،
ٻارڻ ٻاري ٻول، جرڪائي تو جندڙيون.

تو جاسمجهي ست، سا پڙڪي تہ پونچال،
ڏاهي هٽي ڍير ۾ سارو خام خيال،
پٽ مٿان پامال، ڪري ڪنگرا ڪوڙ جا.

تو جا سمجهي ست ، سا اڄ تائين اتهاس،
جنهن ۾ ڪر موڙي اٿيو، ڪوي ڪاليداس،
آيو جنهن جي اوت مان، ودياپتي واس،
پٿائيءَ جي پٽ تي، جنهن جو نينهن ۔ نواس،
جنهن ۾ منهنجو ماس، ڪوري آيو ڪينرو.

تو جا سمجي ست ، سا سپنن جو سنسار،
آڻي بوءِ بسنت جي ، هنئين وجهي هار،
جوڙي سو جنسار، جنهن ۾ موت مري وڃي.

آءُ پڻائي آءُ، تنهنجي ڪهه منهنجو اکيون،
ڏس مون تنهنجو ڪينرو، پوريو ناهه پاءُ،
ساڳيو جوڳ جڙاءُ ، ساڳيا سڏڙا ساز جا.

آهيان آءُ اساٺ، تنهنجي مڏ جي او ميان،
تون، سا ڪوءِ ڪلال جي،جنهن مان منهنجي واٺ،
توکان ٻاهر ٻاٺ، تو تائين آ سوجهرو.

آندي مون سا اوت، جيڪا تنهنجي جام ۾،
ماري ناهي موت، جنهن جي ڄر جنهن جي ڄيي.

اڳ ۾ هيس شاهه، شل مونکي سمجهي سگهين،
سنڌڙي تنهنجو ساهه، جرڪيو منهنجي جيءَ ۾.

ڇڏ تون مونکان پوءِ، ڪنهنجو ٿيندين ڪينرا،
واڪا ڪندي ووءِ، صديون تو لئہ سنڌڙي.

چنگ ڪٽي چوڪٺ، رڱي ڪير رتول جي،
سنڌڙيءَ، او سورٺ! ٻيجل سڀ ٻجهي ويا.

سگهه ڏي اهڙي سچَ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٿئي ڳچ، ته ٻه چوان جو چوٽو هجي.

چڪيءَ ساڻ چني ، ڪڙيون تنهنجي ڪوٽ جون،
چڙهي پوري چوٽ تي، ڏنم پيچ ٻني،
مونکي ذات ڏني، اهڙي سگهه سوير ۾.

مون وٽ ٻيو ڪجهه ڪين، آهي اڄ ان ڪان سواءِ،
هان، هيءَ منهنجي ٻين، جرڪي ٿي جنهن مان جيي.

روئي پئي رَتُ، سڏڪا ڀري سنڌڙي،
وهه ٿي لڳو واٽ ۾، پينر مونکي پَتُ،
هي پورو پربت، آخر ڪيئن پٿون ٿئي.

ڪنڌيءَ متان ڪنڌ، نائي رنو ناڪئو،
سائين! تو سگهنڌ، ڪشتيون سڀ ڪاڏي ويون.

ڪنهنجي ڪشتيءَ ڪاڻ، واجهائين تو، ويسرا!
ڪوبہ نہ ايندو هاڻِ، مانجهي سڀ مري ويا.

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو؟
پڇان وڏي واڪ، سڌ بہ ڏئي ڪو سنڌ ۾.

آيل هاريان آنءُ، هنجون ڪنهن جي هنج ۾،
دکي سارو ديس آ، هر ڪنهن هيٺو هانءُ،

جنهن کي ڏوُ نہ ڏانءُ، سا ڪيئن ڪاتي ڏينهنڙا.
ماٺهوءَ منجهہ مرون، اڳي ڪان اڳرو تيو،
چاتيءَ چاتيءَ چپ آ، تيو پيار پڻون،
چارڻ اجان تون، چورين پيو چنگ کي.

ماٺهوءَ ماٺهوءَ ميرُ، چٽي پيو چت مان،
پٽڪي پيو پتِ مان، واچوڙي جو وير،
ڪُتِيا ۾ تون ڪير، جرڪائين تو جوت کي.

ڪوڙي ڪچ تي سنڌڙي، هنيون نہ هرڪاءِ،
مٽئي . موهي ماٽڪي! هاٽي بہ پڇتاءِ،
ليلان تي ليلاءِ، تہ سکهو پائين پيار کي.

ووڙيندي وَتُ، ووءِ، هاٽي پير پنھونءَ جا،
وھاٽيءَ ويا، ويسري! پتو ڪونہ پيوءِ،
شال ليئي لوءِ، آريءَ ڪي اوڏي ٿـئين.

اوري اچ تہ اگھان، ڳوڙھا تنھنجي ڳل جا،
ڪيڏا ويل وھي ويا تنھنجي ٻچڙن سان،
ڏرتي، ماءُ! متان پٽي پاراتو ڏئين!

ڏاندي ڪپيئہ ڏار مان، يا تو ڪپي ٻانھن،
ڏرتي ڏرتي دانھن، جنھن جي پيڙا مان پڳي.

ھاءِ پواني پونءِ ۾، روڪي ڪو رَتُ چاڻُ،
ماٺھوءَ ماٺھوءَ ساڻ، ڪيڏا ڪيس ڪري چڪو!

موٽي ملندؤ شال، منھنجا سرتا سنگيو!
ميڙو ڪندؤ ماڳ تي، اوريندؤ احوالَ،
جيءَ سوين جنجال، سڪ اھائي ساھ ۾.

وجو نہ ويراڳيو، ھت بہ ٿيندو سوجھرو،

منهنجو جيءُ جڏو الا، تنهن سان ساٿُ ڏيو،
اجهو ڏينهن ٿيو ، ڪيسين رهندي راتڙي.

ڪاڏي هليو ڪاپڙي، ههڙي ڪاڪ ڇڏي،
وهاٽيءَ جو تا وجو، ڪهڙي لوءِ لڏي،
آڌيءَ رات اڌي، اوڏا منهنجي پڪڙا!

ڪڏهن ايندين ڪانگ، ڪٽي ڪانگون قرب جون،
سٽبا ڪڏهن سانگ، ماروئڙن جي ميڙ جا.

آءُ ڪنياتا آءُ، ڏي ڪا سُڌ ساٽيهه جي،
ڪوئي واءُ سُٽاءُ، سانگين جي سرچاوَ جو.

آڌيءَ رات اروڙ، تڏو ساهه يري چيو،
مورڪ هاٽي موڙ پنتي واڳ وجود جي.

شال وسين او سنڌڙي، تنهنجا ڪيت وسن،
واهوندي جي واءَ ۾، مارو شال ملن،
جن جي ڪوٽ ڪڙن، جهوريو منهنجي جيءَ کي.

شال وسن هي ڪيت، جت ڪلٽيون ڪيڪارين،

پانڌيئڙن ڪي پياس ۾، پاڻي پيئارين،
جيءَ ڪي جيئارين، جت اربيليون اوت سان.

وِڄَ ورڻيون، من مهڻيون، ڪنوڻيون جن جا ڪيت،
مون تي پانيون بيت، آهن پوريون آيتون.

جهوڙا، جهائين، جهومڪيون، ڪلڪا ماڻهو، ڪيت،
ساري بر ۾ بيت، چارڻ چوندبيندو رهيو.

تون تو چوندين ڪک، مان اڏران آڪاس ۾،
تون چا ڄاڻين آهي جا، لونءَ لونءَ منهنجي لَڪَ،
پوياڙِيءَ جا پک، آڪيري . اوڻائتا!

مسجد مندر رک، رڪوالا ان رک جا،
ڪيئي ملان مولوي ، پندت مارن جک،
اوري آءُ الک، ڏيئو تي توکي ڏسان.

تنهنجي پير چهان، ڏرتي منهنجي مائڙي،
پاڪر پايان پاوَ مان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءٌ نه بيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

مذهب منهنجو ماڻهپو، دين ڌرم سڀ ڌوڙ،
پرڪي ڳالهه پروڙ، او ڪاٽيارا ڪوڙ جا.

پرينءَ ڪي پهچاءِ او ڪانگا منهنجون ماڻڪيون،
جنهن جي سونهن سواءِ، ڌسان ته ڏوهي ٿيان.

مالها ! نه مرجهاءِ، آيو ڪي آيو پرين،
هنيو منهنجو هاءِ، ڪنهن ڪي پائي ڪيتڪي.

سپنن ساڻ سجاءِ، جهروڪا تون جيءَ جا،
سونيون ڪڙيون ڪوٺ جون، پيرن منجهه نه پاءِ،
گهورِي! نه گهبراءِ، ويجها آهن واهرو.

ڪانئر ڳولي ڪالهه، سياڻو سرويچ جو،
ماضيءَ ۾ مرٽينگ ئي، ڊونديندو آ ڊال،
وڏُ، وڏُ ، جيئين شال، مُڙي ڏس نه ماڳ ڪي.

ٻُوجهه وڌايا ٻوجهه، سرتيون منهنجي ساهه جا،
ڪڏهن راتيون روجهه، ڪڏهن هاٿي هانوَ تي.

ڏَنَ ساري جِي آهي جَي، ڌرتي ڏياٽي،
پوءِ بہ پنهنجي جندڙي ڪنهن ڪنهن چو ماٽي؟
ڪنهن ڪنهن جو سنسار ۾ سُک چو آ ساٽِي؟
آخر ڇا جاٽِي جوڙيئہ جوڙ جهان جي!

وڏو نانءُ الله جو، پر جي ڪجي ڪَٿ،
ان ڪان وڏي وَٿَ، پاجهارا هي پاجهري.

ڊوڊي جهڙي ڊال ، سرتيون ڪائي ساهہ جي!
جوڙيا خام خيال، ماڻهوءَ مورک ڪيترا.

بيچڙي ٻُک بلاءِ، ديوانا دانا ڪيا،
اڄ داتا جي دان جي، ڪنهن کي ڪاڻ نہ ڪا،
گوليءَ سان گهربا ، ڪٽا پنهنجي ڪيچ جا.

اوير سارو آڳ، ڄرَ وچڙي نڪتيون جيبون،
ڌرتي! تنهنجي دانهن سان، جرڪي منهنجي جاڳ،
اڄ رَتُ . ورنا راڳ، ارپيان تو توکي امڙ.

هيءَ رتُ . ورني رات، سڏڪا ڪيئي سانت ۾،

ساري رين صليب تي، بيٺي نه برسات،
ڏس ڏس مونکي ڏات ڪوڪا هنيا ڪارٽي!

اجان سچ سماج، سمجهي ڏاڍي دير سان،
اجان توتي تاج ڪانئر رکي ڪندِ جو.

ڪاڏيءَ هينان هٿ، پرون ڪتيون پونءِ تي،
گهوڙا ويا گهائجي، رڻ ۾ روڪي رَتَ،
هينان سارا سَٿَ، مٿان ڪڙ ڪڙ ڪانوَ جي.

سرٽيون سريءَ ڪاڻ، لٽيون لامارا ڏئي،
ڪونڌر هيءَ ڪنار آچونه، هٽين تو هاڻ؟
رڻ ۾ رتوچاڻ، چا ڪان تئين چيبگرا.

سچ لٽو تي، لاش جا ، نوڙيل هيا نيڻ،
ڪيئن ورائي ويڻ، ڪهڙو منهن مٿي ڪري.

برسيا مٿي بم، دونهين سان دانهون اٿيون،
ڏاري ويا ڏيهه ڪي چيري ويا چم،
اڙي او آدم، هياء هي چا تو ڪرين!

ناگاساڪي ناهِ ، آهي تنهنجي آرسي،

سانيي جا تو ساهہ ۾، پنيث تي سا باهہ،
سياڻو تي ساجاهہ، اجا ويل وئي نہ آهہ!

جهر مر سارو جهانُ، ڪينءَ پسائي ڪوڪلي،
ڪڏهن ڪاٽيارو نہ هو اڄ جهڙو انسان،
نہ ڄاڻان نادان، ڪڏهن سمهندو سُک سان.

در در گهري دان، پالهو آندو پاند مون،
ڪجهہ بہ نہ چاهيو مون ڏسي سيڪجهہ جو شمشان،
هاڻي هان حيران، کهڙي منهن توڪان مڱان.

آندي مون اڌ رات، ڪننو ناهي ڪيتڪي،
هارَي پنهنجو هينئڙو، مجي پنهنجي مات،
نوِڙي منهنجي ڏات، متان پيير پري ڪرين!

مڙهيون ٻوتيون من، ناڪُرَ ڪاڏيون نوڪريون،
ڪينياتا ڪيڏوٽاہ پسي تيا پَرَ سنَ،
دور تيا درسن، ڪاڪِ پلايا ڪاپڙي.

ان جي گود سواءِ ، آڻت ناهہ اتامرا،
لوليون ڏئي تولاءِ آيل آد جڳاد جي.

چانئي آهي چانوَ، ڪائي ڪوءِ ڪلال جي،
گهاٽي ماٺي مٺ ۾، پرسان ٿڌا ٿانوَ،
ڪوري . ڪاٽا هانوَ، آءُ تہ ٿانئينڪو ٿئين.

او ڪنهن جي سرهاڻ، ڪامهه آندي ڪانڌيو،
ترسو ترسو هاڻِ، آءٌ نہ هلندي هوت ريءَ.

اوهيري ڪئي اوڪ، تنهنجو جيءُ جهري پيو،
لک نہ پئي لوڪ، تاڙا ! تنهنجي تانگهہ جي.

ايري اُلري آءُ، ٻڻجي واڳهہ وجود تي،
ساري سرت سماءُ، جهونجهاڙي وچ جيءَ مان.

پٿر ۾ پيهي ، گهڙيم تنهنجيءَ گهُور کي،
پرين پرڏيهي، ويجهو آن ، وجود کان.

مان ريڪون تون رنگ، مايا ساريون مورتون،
تنهنجو منهنجو سنگ، آهي آد جڳاد کان.

مان ڊونديءَ جي ڏار، سڙهہ سان چنڊ چري پيو،

تک سان وهندي تار، ڪٽ آهي منهنجو ڪنڌي.

پورنما پرڏيهه، نؤڪا تڏي نير تي،
ساريو مون ساڻيهه، پنيءَ ۾ پڻ جهڻ ڪري.

آڌيءَ رات اُلَير ،ڏني چند چڪور ڏي،
پرجهي پرجهي پير، ڪيسين ڪٽندين ڪارٽي.

مارگ دور مهل، وهامي تي وائڙا!
ڪيئہ چونہ ڪهل، پانڌي پنهنجو پاڻ تي؟

سانجهيءَ وڳو سنڪُ، پنڌ نہ پنو ياتري،
پيجرو ڊاهي پنکُ، اڏري ويندو اوچتو.

تون ڪانڌي تون ڪنڌ، تون ئي سانگ صليب جو،
تون ئي منهنجو پنڌ، تون ئي تو مونڏي اچين.

ڪنهن هيءَ اٽي اک مان، هينئين منجهه هنئي،
جنهنجي پويان موهجي، وائيءَ وک ڪنئين،
نڪي وات سنئين، نہ ڪي ساٿي سچ جا.

تون ئي منهنجي لوچ آن، تون ئي منهنجي سوچ،
ٻانهيءَ لاءِ ٻروچ، ڪارون ڪرين ڪيچ مان.

ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي ڄاڻ سڃاڻ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون ، جن ۾ نينهن نياڻ،
چڪجي پنهنجو پاڻ، جڙجي وڃن جيءَ ۾.

ڪامهه وانگر ڪير؟ آيو آهي اوچتو،
پٽ تي جنهن جو پير، جهڙي باک بسنت جي.

پرينءَ جي پهراڻ ۾، ڪتوريءَ خوشبو،
جڏهن اچي جُوءِ، واسَي وڃي واس سان.

ڪنهن جي ريجهه رهاڻ، ڪنهن جي ڳالهه ڳراٽڙي،
گيت پري آهي گودڙي، جڻ تہ ڪويتا ڪاڻ،
سوچي ڳول سڃاڻ، وانجهي ناهيان وٺ ڪان.

اجان اوري آءُ، سُري منهنجي ساهه ۾،
رچي منهنجي راڳ ۾، سرتي تنهنجو ساهه،
مئي پڇاڙاءُ، گيتن ۾ گڏجي رهون.

# دوها

پير ڪڙين ۾ چنگ چپن تي، مڌ ۾ آلو ويس،
چاهين چا تو، چارڻ؟ توکي چريو چوي ٿو ديس.

هاءِ اجاريون، اسروندڙيون، وڪ وڪ تي وهلور،
منهنجون اکڙيون هيٺيون هرٽيون، ڏسن اپ ۾ ڏور.

اڏرو منهنجا گيت . پکيئڙؤ، وجو وهائوءَ وات،
دور ڏڏڙ ڪان هن ڏرتيءَ جي ، ڇهو ڪَتيءَ جي چاٽ.

او مڌماتا ورڏاتا! تو لکيو هيو هي ليک،
منهنجي سپنن جي امرت ڪي آهي وهه جو ڏيک.

هن چاتيءَ جي ڇهَ ڇهَ ۾ آ ڪو اٽڪٿ امرت،
گهايو مونکي گهايو، پيئو پيئو منهنجو رَتُ.

گياني! تنهنجي گيان . چڪيءَ مان لهندي منهنجي اُڃ؟
منهنجو من آ مانسرور، تانگها تنهنجا پُڄ.

گهڙي گهڙي گلدان، انهيءَ ۾ رنگبرنگي پاپَ،
پونر پونر تي اڏريا جن مان، اڄ منهنجا آلاپَ.

آهي پراڻو پاپي هي من، چندرما جو چور،
هيءَ لُٽي جيون جي جڳ مڳ، جڳ کي ننڍ آ گهُور.

هيءَ چاندوڪي، هي پيتل من، هي سيتل آڪاس،
امرت ـ رس تي ويو آهي ڇڻ تنهنجومنهنجو ماسُ.

تنهنجو سندر روپ، انهيءَ تي چوڏهينءَ چنڊ چٿاءُ،
منهنجي من ۾ ڪيپُ، نديءَ جو هيج ـ هندورو، واءُ.

آهي ڳچيءَ ۾ منهنجي، گوري، تنهنجي گوري ٻانهن،
ننڊ پئي آ چاندوڪيءَ ۾ ، منهنجي من جي دانهن.

جيئنداسين ته ائين ئي رهندو سندرتا جو سنگ،
پنهنجي منهن تان مور نه لهندو، مڌُ جو ريٽو رنگ.

جيئنداسين ته ائين ئي رهندو هي من مست مگن،
مڌ جي جوت سدائين جلندي، برندو پيو جيون.

ساڳي پورنماسي آهي، ساڳيو آهي آڪاس،
هاڻي چونه تئي تو پيدا ڪوئي ڪاليداس!

دکياريءَ ڪي دان نہ ڏيندين؟ سٽندو رهندين سئن،
ڪيسين مونکان چيندو رهندين، منهنجي چت جي چئن.

پاٽيءَ ۾ پاريهر وهنجي، ڪندڙي پنهنجي ڪينءَ،
ان ڪي ڏسندي منهنجي من جي مونجهہ لهي وئي ڪيئن.

وڻ وڻ ڪي مون پاڪُر پائي، چيو تہ ” منهنجا ياءُ!
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پن پن جو پڙلاءُ.

برکا رُت جي باک . ڦٽيءَ ۾ هيءَ اکريءَ جي اوت،
ڪير سَٽي ٽي ان ۾ من جي گهري گهري چوٽ؟

اي ڏورانهان ڏسڪي توڏي ڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٽان!
ويجهو مون ڪي ڪونہ وٽي ۽ مان ويجهي ڪي ڪونہ وٽان.

# گيت

تون جي ايندين رات، الا او رات،
تہ منهنجي رات امر ٿي ويندي!

تون جي ايندين ميت، تہ هيءَ سنگيت امر ٿي ويندي،
مون ٻاري جا جوت، انهيءَ جي جيت امر ٿي ويندي؛

جي ڪاڏم مات ، الا او مات،
تہ منهنجي مات امر ٿي ويندي.

تون جي ايندين ڍول، تہ ٻهہ ٻهہ ٻرندا منهنجا ٻول،
جهر جهر جرڪي پوندا جن ۾ منهنجا روح ـ رتول؛

وائي آئي وات، الا او وات،
تہ منهنجي لات امر ٿي ويندي!

تن من تنهنجي پيت، نچاور توتي منهنجا راڳ،
مان آهيان تنهنجي آهوتي، تون آن منهنجي آڳ،

توڪي ڏسندي ڏات، الا او ڏات،
تہ منهنجي ڏات امر ٿي ويندي!

تون جي ايندي رات، الا او رات،
تہ منهنجي رات امر ٿي ويندي.

ٿر ۾ ڪھڙا ٿاڪ،
ٽڪن جا
ٿر ۾ ڪھڙا ٿاڪ!

واري ساري واٽ،
نہ ڪائي ڇانو نہ ڪائي ڇاٽ،
مٿان آ ٿاڪ:
ٽڪن جا
ٿا ۾ ڪھڙا ٿاڪ!

ڀنيءَ نہ ٿن لئہ ڀونءِ،
ٿنيءَ تي ڀير ڀچي ٿيا ڀونِ،
چڪن ٿا ڇاڪ:
ٽڪن جا
ٿا ۾ ڪھڙا ٿاڪ!

لٿي نہ ٿہ جي اڄُ،
وراٽي ڪير، سموري سُڄ،
وڄن ٿا واڪ،
ٽڪن جا
ٿا ۾ ڪھڙا ٿاڪ!

مليو نہ ٿن کي ماڳ،
انهن جو ڀُلي ڀُلي پيو ڀاڳ،
ڪلي تي خاڪ:
ٽڪن جا
ٿا ۾ ڪھڙا ٿاڪ!

هيا هيا هيا، او......
دور وجي تي نيا ،
هيا هيا هيا!
ڪهڙي گهات لڳي هيءَ نؤڪا، ڪٿي ڪٿي جيون،
چڪي پيو اڄ من ڪي سپني جهرو سندر ـ بن؛
هيا هيا هيا، او .........
دور وجي تي نيا او .......
چانڊوڪيءَ ۾ چڙهندي پدما، تڪ سان وهندي تار،
لڙهندي لڙهندي پنهنجي نؤڪا، پهچي ويندي پار،
هيا هيا هيا، او .........
دور وجي تي نيا او .......
بن مانجهيءَ منجهدار مٿان هيءَ نؤڪا ويندي دور،
ڪنهن ڏورانهين ڏيهه اسان کي چڪي پرينءَ جو پور،
هيا هيا هيا، او .........
دور وجي تي نيا او .......
ساڳي بن ۾ مرگهه ٻه موهي، ساڳي ۾ سؤ واگهه،
سک جي سيج ٻه ساڳيو جيون، ساڳيو ڏک جي ڏاگهه،
هيا هيا هيا، او .........
دور وجي تي نيا او .......
پنهنجو جيون آهي پيارا، جل ـ ڌارا تي جوت،
منڙي منڙي نند اسان لئہ ٻڄي ايندو موت:
هيا هيا هيا، او .........
دور وجي تي نيا او .......

# (بنگالي گيت)

چند ڄڏھن جھرڻي ۾ وھنجي، ڪنول ڪنول شرمائي،
سانت، ڪنواري ڪنيا، منھنجي ھردي ڪي ھرڪائي،
منھنجي من مان ڪوئي مراري بن بن بين وڄائي:
نيل - گگن جون ڪيئي گوپيون،
جن سان راس رچائي.
مند ڄڏھن منھنجو من موھي، جڳ - سندرتا گھائي،
دور نڪٽ مان نڪري ڪوئي نير مٿان لھرائي.
مان پڪڙيان، ھو پرڙا ڪولي، اڏري پاڻُ بچائي:
ڪوئي ڀيد نہ پائي ھن جو،
ڪوئي ڀيد نہ پائي !

جر جي ڄر ڪنهن ڄاتي ڪانــــــ،
لڙڪ اَگهياســين لڪي لڪــــــي،

چـــــانئٺ تي چاندوڪي آهــــــي،
ها، پــــــر من جي چِن ۾ چـــاهي:

ڪنهن بـــ تہ پاتي جهاتـــي ڪانہ،
ڪل آئي تہ بہ ڦڪـــــــــــي ڦڪي.

ساڳيو انبر ، ساڳـــــــــي ڌرتي،
ساڳي آهي سڳنڌ انهـــــيءَ جي،

آهي جا مڌ ـ ماتي ڪـــــــــانہ،
جنهن ڪي ساريان سڪـي سڪي.

پريت بہ مايا ، روپ بـــ مايـــــا،
سار انهيءَ جي لهـــــــندي ڇايا،

جنهـن آهي حياتي ڪــــــانـــ
جنهن جي جوتي جهڪي جهڪي.

من نگريءَ جي ڳلي ڳلـــــي،
تنهنجي گهر سان وجي ملـي.
رمتي جوڳيءَ بين ڪنئـــــي،
در در پيتڪي سئن هنـــــئي،
مليو نہ هن ڪي دان دلـــــي.
تو در موتـــــي وري وري،
اج هن جيون ـ جهـــول پري:
ڳوڙها ڳاڙهي ڪلي ڪلـــي!
من ـ نگـريءَ جي ڳلـي ڳلي،
تنهنجي گهر سان وجي ملي.

سڄ هيءَ پيڙ پراڻي ووءِ،

آرتي اوت اکين ۾ جـــــنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل،
ڪانـــــهن ڪماڻا، پيـنـــگ تيا سڀ پنهنجا پاڻا ووءِ،
وستي ساري ويڻ، اسان جنهـــــنج ۾ ويڳاڻـــــا، ووءِ،
ڇاتي پنهنجي ڇاڻي ووءِ.

جنهن ۾ ڏکڙا رهجي ويندا، ڇٽنـــــــــــدا رهندا پل،
هو رانجهوءَ سان رمتيون راتيون، هو ساجن جو سنگ،
هير سسئي وئي جنهنجي ڪارڻ سک جي سيج پلنگ:
آڏيءَ رات اڏاڻي، ووءِ،

پهتي پهتي پار پـــــــــرينءَ ڏي، ريتي رنگ ـ محل.
ور سا ڇائي، جنهن جو ڏکـــــڙو سمجهي پيءُ نہ ماءُ،
جنهن جي من جي مام نہ ڄاڻـــــــي، پر ۾ بيهي پاءُ:
صورت حيرت هاڻي ووءِ.

منهن تي ناهِ مساڳ، تہ تنهن کي اک ۾ ريک ڪجل،
روز پڪاري توکي پنهنجي من مـــــــوهن جو پيار،
جيون! توتي کهڙي سپني ڪيو آ ڪــــــــاري وارَ
ڏيندا وڍِ وراڻي ووءِ،

ڳهاوَ ڳهاوَ ۾ گونج انهيءَ جي، جنهن جي چوٽ اجهل.
سڄ هيءَ پيڙ پراڻِي ووءِ،

ارتي اوت اڪــــــين ۾ جنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل.

(فريد جي ملتاني ڪافيءَ جو آزاد ترجمو)

# غزل

پويون پهر ، جدائيءَ جاڳ،
اپ ۾ چندرما جي آڳ

آس . اسونهان رڻ ۾ رات،
گهايل گهوڙا ، ٻيوس واڳ

جهاڳي آئي جيون . ناوَ
ڪيئي ڪارونيار اجهاڳ

پهتا نيٺ ڪلالن ڪوءِ،
پٽڪي پٽڪي منهنجا پاڳ

تنهنجي ماندي باندي آءٌ
امرت اوت مئيءِ جا ماڳ

ولهه ۾ وينا چيٽ اياز،
پنيٺ ٻٽبا تنهنجا راڳ

موتئي جون مالھائون، منڌ،
من . مندر جي چانئٺ شام.

سانوڻ جي مڌ . ماتي رات،
اُپ ۾ ڪيئي جلندا جام

چنگ چڙا چاندوڪي چيٺ
سھٽيءَ سير ، مرڻ مي مام

منُ راڌا جي روپ نہ آھ،
تون تہ اھو ئي آھين شيام

اُلري آءُ ورھ جا واڳھہ،
من جي بن تي چانئين شام

باھر رنگا رنگ شفق،
پڃري ۾ پنڇيءَ جي شام

چوڏاري سج . ورني ريت،
پنھنجا واريءَ تي وسرام

ساڳيو سامي ڪاپڙيو،
جنھن جا گيڙو گيت سٽيام

جنهن جون وايون مينهن ڦڙيون،
جنهن جا سر ساوڻ جي شام

شِو جو سيس ، نہ . ٿهندڙ نانگ
توهِہ آيا ڪيئي ڪلام

جنم جنم جي جيت اياز،
شاهہ، سچل ، سامي ڪجھ نام.

ڪهڙي ڪاريهر جو ڏنگ،
چورائي آيو آ چنگ

پي پي آيو سج سروپ،
ڪوئي اڏوتي اڙٻنگ

من جو ڪارونيار ڪنديون،
سرتي تنهنجو منهنجو سنگ

اڄ جو ڪائي بوند پئي،
جيون تي ويو سُر سارنگ

هاءِ ڪتي هوءَ سير مئي،
جنهن جي لاءِ رڙي تو ڪنگ

ان جي لوئي لاڪ ۔ رتي،
مرندي منڌ ، شفق جو رنگ

سانجهيءَ مانجهيءَ ٻيٽ ، ٻگها،
پر تي آگ مٿان آونگ.

سري نہ پنهنجي سير سوا،
سامونڊيءَ جو ڪنهن سان سنگ

هاٽي جاٽي ڪير اياز،
ڪهڙيءَ ڪوڪ ڪڪوريو چنگ.

نانگا مينهوڳيءَ ۾ مچ،
ڪاري نانگڻ جهڙي رات!

مسجد، مندر سيڪجهه رک،
جرڪي ٿي هيءَ ڪنهن جي ذات،

واهيري جي وير هڳاءُ،
آڪيري ڪي اوڏي لات،

برڪا رُت جي ڏنڌلي باک،
نيڻ ندوريءَ جا برسات،

قيدي چيتي جهڙو ڏينهن،
زخمي هرڻيءَ جهڙي رات.

سنڌي شاعر باسي بيک،
اردوءَ جي اڏ . جوني ڏات.

مذهب جي مرٽينگ ڪيا،
ساڳيا ڪوڙ ڪهاڙا ڪات.

سنڌڙي تنهنجو ساهه اياز،
مري نہ ٿيٽو آهي مات.

سچ پنجي يا پنجيءَ جو،
وهندڙ پاڻيءَ تي پاچو،

آيو آهين ڏينهن لٿي،
مڏ پي ٿڙندو ٿابڙندو.

ڪاري ڪٽڇيءَ جهڙي رات،
پريت اسان جي آ پيجرو.

وڻ وڻ تي ڪوماڻا ڪانو،
بن بن ۾ پڙلاءُ نہ ڪو.

ههڙي سانت سرءُ جو واءَ،
چو نہ پري آ پيالي تو؟

تن جي تؤنس سوا پي ميت،
ڪوئي ماڻهو ماڻهوءَ جو!

ڪير تتيءَ جا تاوَ سهي،
چن ۾ آهي چانورڙو.

---

او مذ ماتا ميت ڪوي!
آئين امرت اوتيندو.

پل پل وهه جي آهي وٿي،
مک مک ۾ آ زهر پريو

پهتو تو وٽ چو نہ اُلاءُ،
جوالا جيون جو ڦاٽو.

چنڊُ تہ ملندو ڪونہ چڪور،
آءُ جهٽي ڪوئي ٿاندو.

---

پنهنجي سياست باد . فرنگ،
ڪوڙهيءَ پوڙهيءَ رنڊيءَ جو.

مذهب پنهنجو پاڻ مکي،
چوراهي تي آ چڪلو؛

کهڙي ڪاڪ اڙي ڪاڪا،
هي آ مومل جو ڪونو.

---

اڄ ڪائي گجگوڙ نہ آهي،
سارو بن آ سانتيڪو.

شينهن مري ويا باقي چاءِ
هي پنهنجا پنجوڙ ڪٽو.

---

شايد ويهي ڄَپُ ماري،
اڳتي ڪوئي آهيڙيو!

رهي نہ ڪائي چال ڇُپي،
ساري بن کي باهہ ڏيو.

---

سنڌڙي تنهنجي سيند ڏسي،
رات پٽائي گهوٽ رُنو.

منهنجي من جي متيءَ ۾،
ڏاڙهونءَ جهڙو ڏنڀ ڦٽو.

هينئون گهايل هرٽيءَ جيئن،
سامهون سارو واريا سو.

وڏوا جو مڙهه آهي ادب،
اڄڪلهه سنڌي ٻوليءَ جو،

ويندو نيٺ وسامي هاءِ،
ٺمڪي ٺمڪي ڪو ڏيئو.

ڪيسين جلندي رهندي جوت،
ويري جنهن جو واچوڙو.

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن،
ماروئڙو او ماروئڙو!

ٻولي ڳولي ناهي اياز،
ان جو وس فقط واڪو.

او مَڌ ماتا هوريان هل،
منزل آهي هر هڪ پل.

منهنجي منهن تي تنهنجا هٿ،
ٽڙندو آهي جيئن ڪنول.

تياڳ وياء ويراڳ وياء
هئه هئه چوري تنهنجو چلُ!

جنهن جيون ۾ مومل ناهين،
تنهنجو ڪهڙو ڪاڪ محل.

سانجهيءَ ٽاڙي پيءُ سَرو،
تنهنجو ويري ٿئي وياڪل.

ڪنهن جي ناهه هيءَ سراءِ،
رات گذاريئه هاڻي هلُ.

ان تي مَڌ جو مينهن وساءِ،
ٽڙندو ٽانگڙ جئن پل پل.

اڏري ڪائي لات ڪيان،
ڪيسين روڪيندو ان ـ جل.

تاڙي مار نہ جي آيو،
تنهنجي ماڙيءَ تي طوطل.

تنهن جيون کي آگِ لڳاءِ،
جنهن ۾ ناهہ ڪرم جو ڦل.

ڪيچ هجي ڪيڏو بہ پري،
آريءَ پنتان آءٌ اٿل.

تر ۾ ٿانئينڪو نہ ٿيو،
ڪوئي ڪوئي ڪارايل.

آخر ڪارونيار ڪري،
برسي ٿو بُٺَ تي بادل.

هي واريءَ تي وڏ ڦڙو،
هي سانوڻ جو سُرمندل.

اي ڪويل! هي نند ڦٽو،
تو جهڙو ڪو ڪوڪ ڪنل.

ڀهڳڻ بولي تنهنجي لاءِ،
منهنجي ڪوتا آهي ڪجل.

سنڌڙيءَ کي سيباءِ اياز،
پنهنجو گيڙو ويس غزل.

آڌيءَ رات پليءَ جي پاڻ،
ٿي اڄ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ.

اوهيري جي اوڪ تہ ڏس،
سياٽو ٿيءُ صراحي آڻ.

ڏي جنت مان جام پري،
ٻيءَ دنيا جي ڪنهن کي ڪاڻ!

منهنجي چانئٺ تي خيام،
روميءَ سان ڪئي روح رهاڻ.

اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ،
جيڪي آهي هتي آ هاڻ.

رات ملي وينجهر جي ڏيءَ.
جنهن جون اکڙيون هيري ڪاڻ:

جنهن جو مندر روپ سرير،
ٺاهيو آهي ڪنهن پوڄا ڪاڻ:

ڪارو ساگر جنهن جو روح،
جنهن جو جسم چٽي چانڊاڻ.

اونهي جي ٻي انت صدا،
توکي ڪوني، ترهو تاڻ.

ٽڙندي ٽانگر آهي پيار،
جنهن سان ساسيءَ ۾ سرهاڻ.

بيو سڀ پاڇي جو پيچو،
جاني آهي جواني ماڻ.

باغي شاعر شيخ اياز،
آيو ڪيئن پٽائيءَ پاڻ!

ڪوئي انتيءَ جو امڪان،
سڏ پڙاڏو بڻي حيران.

ترقي تي تهذيب اجان،
ڪيڏو وحشي آ انسان.

ساڳيا پاپيءَ جا پنجوڙ،
هيٺو اڳ جهڙو حيران.

ساڳيءَ سوريءَ تي منصور،
ساڳيو سرمد تي بهتان.

ساڳي گانڌيءَ لئہ گولي،
ساڳيو لال لهوءَ سان گيان.

ساڳي چارڻ جي چڪيا،
ساڳيو شاعر جو شمشان.

اڄ بہ ذات مصور جي،
رت ۾ ٻوڙي ڪائي نانُ.

جاري ساري جنگ جدل،
عاري ساڳيو امن امان.

اڄ بہ ويڙهہ نہ تي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران.

ڪنهن ماتا هي ممتا مُئي،
ڪنهن نينگر جو نڪتو پران.

ناگاساڪي ڪافي ناهه،
سيڪجهه ناس ڪندو نادان.

ميخاني ۾ پيو نه پتو،
ٻاهر رات هيو طوفان.

هاريو مئه جو جام اياز،
ساڳيو نه رهيو هي انسان.

اڇٽو آهين جي تون، آءُ،
ڪيسين سنڌيان مان سوداءُ.

ڪنهن تي ڄاتو اي انسان،
توکي ڪهندو تنهنجو ياءُ.

جيون پوءِ بہ ڪري تو چوند،
توڙي ڏي تو موت چتاءُ.

اندر سيخون ڪوٽ ڪڙا،
ٻاهر ڪونجون، هير . هڳاءُ.

اونهاري جي اوجل ٻاڪ،
آءُ اڱڻ ۾ منهنجي آءُ.

او زندان جي ڪاري ولهہ!
تو ۾ آهيان آءٌ الاءَ،

وچ وچ موتي وچ وچ ويچ،
گهايل ڄاڻي منهنجو گهاءُ.

مون کي ڪوئي ڪونہ پلي،
پيار نہ ڄاڻي تو پچتاءُ.

---

او منهنجا محبوب وطن،
توسان ساڳيو لونءَ لڳاءُ،

هي منهنجو مظلوم قلم،
سوچيو ناهه جنهن سرچاءُ.

رتُ ۾ لت پت پنهنجو موت،
ڄاڻان تو پر منهنجي ماءُ.

منهنجي من ۾ آ منصور،
سوري جنهن جو جيءَ جڙاءُ.

---

سوچي قاتل جو قاتل،
آيو قتل تي ڪهڪاءُ.

پر جي ڪوئي نانگ هجي،
تنهن کان ڪهڙو آهي بچاءُ.

---

سُر جي بدلي ڏيين تو سونُ،
پو پي تو وٽ ناهه وڪاءُ.

او وڻجارا وائيءَ جا،
من جو موتي ڪهڙو ياءُ.

گھايل من جا گھايل گيت،
جن ۾ پيڙا جو پڙلاءُ.

جن ۾ ڏرتيءَ ڏرتيءَ ڏکُ،
جن ۾ ماٽهوءَ ماٽهوءَ گھاءُ.

ڀنيٽ ٻٽبا نيٺ اياز،
جُڳ جُڳ جلندا منهنجا ڀاءُ.

# وايون

پونءِ نہ آئي پانءِ الا مان اڏري وينـــــــــــــدوسانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

مونسان جاڙ نہ ڪر اي جـــــــــيڏا، سچ تو آءٌ چوانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ

نيٺ تہ پائيندي تون ، هاٽي پلي نہ مونـــــــــڪي پانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

رهندي جيون جي جهرٽي ۾ ، هن جنڊڙيءَ جي جهانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

ڳائي منهنجا گيت پيو پوءِ ، مونکي ياد ڪـــــــجانءِ
الا مان اڏري ويندو سانءِ.
الا مان اڏري ويندو سانءِ.

توهه مون هه پيد نہ ڪوئي ، اڙي نديءَ جـــــا نير
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير

مان پڻ آهيان ، ڪائي جڳ جي سنـــــدرتا جي سير
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير

منهنجي من ۾ چندرما جي آڌيءَ رات اڪـــــــــير
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير

منهنجي تن ۾ تات ائين جيئن گهلي ڏڪڻ جي هير،
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير

توکي مونکي راس نہ آئيا هــــــن ڌرتيءَ جا ڌير،
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير
اڙي نـــــــــــــــديءَ جا نـــــــــير

ڪاري رات ڪَتيءَ جو پاڇو، ڪيئي نيڻ نيـــــــاڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

جر ۾ جهرمر ، گهرو ، ڪارو، پاڻيءَ جو پهـــــــراڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

منهنجي من کي موهي ويو هي مند بنا مانـــــــداڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

ڪوئي ناهه سڄاڳ سکي ڙي ڪوئي ناهي سڄاڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،
ڪيئي نيڻ نياڻ،

پنتي موڙ مهاڙ الو ميان،
پنتي موڙ مهـــــــــــاڙ!
چو تون اورانگهي آيو آن، سانگيئڙن جي ســــــــار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
ڪهڙيءَ سوچ ستيا هيئن لاهي، چت تان چندن . هار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
سرهي سيج ڇڏي تون نڪتين، ويـڙهي ڪي ويچار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
ڪهڙي اٽڻ ڪي اربي تو، تـــــــن جي تات تنوار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
ڪهڙي مارڳ موهي آهي، تنهنجي نـيڻ نهـــــــار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
اڳتي لڪ لڪ لڳ ڪانڊاري، وڪ وڪ ويـريءَ وار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
چوڻ چيرِ ۾ تون تو گهارين، ڪنهن ڍولئـي جي ڍار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
سرچي جي سنسار نہ تو، تون جيءُ نہ وجهہ جنـــجار،
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!
الو ميان، پنتي موڙ مهاڙ!

ڪيچ وڃين ڪنهن ڪاڻ، پنهل تون مـــــــــــوتي آءُ،
پنهل تون موٽي آءُ،

متي رات نہ رهندي ، رانول! جيون مايـــــــــــــا ماڻ.
پنهل تون موٽي آءُ،

پيهر هي پنيـــــــــــــــور نہ ملندئي، آءُ پليءَ جي پاڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،

هيءَ چاتي جا آتي آهي، تير انهيءَ تـــــــــــــي تاڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،

هي جڳ هو جڳ مونسان جرڪي، مان تنهنجي چانداڻ،
پنهل تون موٽي آءُ،
پنهل تون موٽي آءُ،

روز وڪاڻي ، هاءِ نماڻي ، وينگس وچ بازار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
ڪپڙا رنگبرنگي جنهن جا ، چپڙا چاشنيدار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
منهن منهن آ مومل مي ماڙي، اُره اُره اسرار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
هر ڪنهن ڪاڻي ڪي راڻي جو روپ ڏنو ڪلدار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
ڪنهن جي واڄ ڪٽوري ورچي، هانوَ ڏني هبڪار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
وهيءَ وهيءَ جي وڪري پرڪي، ورهه ڪيا واپار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
ممتا ماريءَ ماءُ ستي هئي، جائيءَ لاءِ جمار،
ڪنهن چاتو تي وقت ڪندو هيئن، لوليءَ تي للڪار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
جوڙيو آ، جنسار بہ چاچا سڀ جي پالڻهار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
چيت ڪري جي چڪجي ، ڪانهي ڪابہ ڪڙائي يار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
چارڻ چوري چنگ انهيءَ تي، ٻول ڪيا ٻلهار،
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!
الو ميان ، وينگس وچ بازار..!

نانگو آهيان نانگو يار!
نانگو آهيان نانگو يار!

پهتو آهيان ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ، چوري پنهنجو چانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

نڪتو آهيان هن نگريءَ مِلاهي سر جو سانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

من جو ميت مهانگو مون لاءِ، سارو ديس سهانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!

هليندين يار پرينءَ ڏي مونسان ؟ آهي پنڌ اڙانگو يار،
نانگو آهيان نانگو يار!
نانگو آهيان نانگو يار!

هير مئي ، او هير مئي ! ـ ڪير چوير تو هير مئي...!
ڪير چوير تو هير مئي...!

رانجهوءَ ونجهليءَ ڏانهن نهاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ونجهليءَ پنهنجو هانءُ نہ هاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ڏات ڏڪوئيءَ ڏونگر ڏاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ڌرتيءَ ۽ آڪاس پڪاريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

پيار نہ مرندو ڪيئن بہ ماريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

ويري وهہ جا تانو پياريو،
ڪير چوير تو هير مئي...!

هير مئي او هير مئي! ـ ڪير چوي تو هير مئي.......!

بادل ڙي بادل ڙي ، منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!
ڳجي ڳجي گهنگهور گهٽائون ، آڱر ۾ اپرن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ساوڻ من ـ پانوڻ ۾ سرتيون، ڪلندي ڪيچ وڃهن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

رُت آئي رُت ويئي ، جهولي ۾ تا ڏينهن جهلن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

مون ڳهليءَ جيئن ڳولي تي، ڪجهہ پن پن منجهہ پون،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

پيچ پني پنيور مٿان ، اڄ بوندون ٿيون برسن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ڪهڙي پار پنهونءَ ڪي چاڀو ، آڏيءَ رات اڻن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

هاءَ ولهيءَ ڪي ڪيئن وساريو ، سڄ ۾ سانگيئڙن،
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!
منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن!

ڪوئي آهي ، ڪوئي آهي! جيڪو سچ چوي؟
جيڪو سچ چوي؟

ڏينهن ڏني جو هن ڏائڻ تان ، جيڪو گهونگهٽ لاهي،
جيڪو سچ چوي؟

سانگ سياست جا سمجهي، جو ناهه نڳيءَ جا ڏاهي،
جيڪو سچ چوي؟

اونداهيءَسان جيڪو الجهي، چانڊوڪيءَ کي چاهي،
جيڪو سچ چوي؟

سنڌڙي مونکي سڏ تہ ڏي تون چپ چو آهين ، چاهي؟
جيڪو سچ چوي؟

ڪوئي آهي ، ڪوئي آهي ، جيڪو سچ چوي؟
جيڪو سچ چوي؟

سانگيئڙن جي سار نہ ڇڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي.

ڇاجي دوري دل ئي دل ۾، پڪڙي تن جي اوڏا اڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي.

من ئي من ۾ ماروئڙن کي ، ڪنهن مارڳ تي آڻي گڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي.

ايندي ايندي ، ايندي ساڃاهہ ايندي تنهنجي سرلي سڏ
رات تہ راهي گذري ويندي.

نيٺ تہ ڪرندا ڪوٽ انهن جا، ڪيتي وارا پوندا ڪڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي.
رات تہ راهي گذري ويندي.

# نئون جمالو

نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
جنهن ۾ ليٽ ٻڌا ٻيٽ تي،
هو جمالو!
جنهن جي ڦاٽ ، ٻيگا گهاٽ تي،
هو جمالو!
جنهن ۾ ٻيڙيون سائينءَ سيڙهيون تي،
هو جمالو!
جن جا پڳهه جڳهه جڳهه تي،
هو جمالو!
جن جا مانجهي تي منجهڌار ۾،
هو جمالو!
اهي تري ويندیون تار ۾،
هو جمالو!
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
نئين مون تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!

# ڪلهي پاتم ڪينرو

## شيخ اياز

ڪمپوزنگ: عبداللطيف انصاري، سکر
alsindhi2005@yahoo.com

ڊجيٽل اي بُڪ پبلشر:
**وائيس آف سنڌ**
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

توهان به سنڌي ڪتاب موڪلي سگهو ٿا، جيڪي توهان جي نالي سان انٽرنيٽ تي شائع ڪيا ويندا . . . !